درويش درشن

اَدياتمک ماھواري رسالو



پرم پوجنيه سوامي آشارام صاحب

ॐ

درويش درشن

اڌياتمڪ ماهوار رسالو

(عربي ۽ ديوناگري لپيءَ ۾)

سنت شري آشارام آشرم

سابرمتي، احمداباد - ۳۸۰۰۰۵.

۷۵۰۵۰۱۰، ۷۵۰۵۰۱۱ (۰۷۹)

- ۲۰	چندو (ڀارت لاءِ)	ولائت لاءِ
- ۱۰	ساليانو - ۱۵ ر	ساليانو ۱۵۰ ر
وبر - ۱۹۹۸	آجيون ۱۵۰ ر	آجيون ۱۵۰۰ ر

卐...卐...卐...卐...卐...卐...卐...卐...卐...卐...卐

प्रात: स्मरामि हृदि संस्फुरदात्मतत्त्वम्
सच्चित्सुखं परमहंसगतिं तुरीयम्।
यत्स्वप्नजागरसुषुप्तमवैति नित्यम्
तद् ब्रह्म निष्कलमहं न च भूतसंघ: ॥

''پرڀات ويلي مان منهنجي هردي ۾ ڦهڪندڙ آتم تتوَ جو
ڪريان ٿو. جيڪا آتما سچدانند سروپ آهي، جيڪا پرمهنس
آخري منزل آهي، جيڪا ساڪياتڪار جي اوستا آهي، جيڪا
ي، سپني ۽ سنل ننهي اوستائن کي سدائين ڄاڻندي آهي ۽
و شڌ برهم آهي، اهو مان ئي آهيان. پنجن تتن جي ٺهيل هيءَ
مان نہ آهيان.''

❋ ٽجوڙيون ڪوليو ❋

(سوامي ليلاشاهہ مهاراج)

شاديءَ جي وقت، گھوٽ پيءُ کي ڪنوارپيءُ کان بيڪہ مڱڻ نہ
ي. ڪيس ائين نہ چوڻ گھرجي تہ تون ڇا ڏيندين؟ ڪنوارپيءُ
ٽ پيءُ کي ڪيترائي اُٺ لڏي ڏيندو، تہ بہ گھوٽ پيءُ اُهوئي
ن جو ڪنو چاڙهيو وينو هوندو! ڇي : هيءَ نہ مليو، هوُ نہ مليو.
ي ٿو پٽ جي شادي ۽ پني ٿو بيڪہ. اڙي! گھوٽ پيءُ کي تہ
يءَ جي خوشيءَ ۾ ٽجوڙي کلي رکڻ کپي. توهان ڇوندا تہ راجا
د کين پنهنجي سپتريءَ سيتا کي ڏاج ۾ اُٺ لڏي ڏنا هئا. پر
خبر آٿو تہ اُنجي بدلي دسرٿ مهاراج ڇا ڪيو هو؟ هن اُن مليل
جي سان پنهنجو اڪيچار ڌن گڏي خرچ ڪيو هو. ڪيترن غريبن
مالامال ڪري ڇڏيائين. ڪيترا ئي يگيہ ڪيائين ۽ ڪيترن ئي
سالائن، پاٺشالائن، اناٿ آشرمن، گئوشالائن کي فراخ دليءَ سان
ڏنائين.

شل ايشور پنهنجي بازُن جي پورهئي ۾ سگھہ وجھيوَ. اُن سڀاجهي
ن کان گھرجي، جو ڏيئي نہ پڇاري.

ڪي تہ اهڙا بہ ستوگڻي سياءَ جا پريمي آهن جي شاديءَ تي
اريتن کان صرف هڪ چمپل ۽ ساڙهي وٺندا آهن، جا اوڏيءَ مهل
ڪنيا پنهنجن پيڪن مان پائي، اباڻي گھر کي الوداع ڪري،
ندي آهي.

اي شاهوڪارو ! ڪجهہ سوچيو. آئيندهہ لاءِ ڪجهہ سوچ ڪري
سدائين اُهي پدارٿ توهان ساڻ ڪونہ هوندا. اهي توهان کي
ندا يا توهان انهن کي ڇڏيندا. ٻنهي ڳالهين مان هڪ ڳالهہ
ٽ آهي. توهان کي اُن گھر جو خيال رکڻ گھرجي، جنهن گھر
توهين وچڙي آيا آهيون. سچ پڇ تہ اسان جو سچو گھر اُهو ئي آهي.

آتم جوت جاڳايو

ڏياري ارتات اُماس جي گهور انڌڪار ۾ پرڪاش ڦهلائڻ جو ڏڻ. هي مهان ڏڻ اِهائي پريرڻا ڏئي ٿو ته اگيان روپي انڌڪار ۾ ڀٽڪڻ جي بدران پنهنجي جيون ۾ گيان جي جوت جاڳايو ....

ڏياري آهي ڏڻن جو ميڙ ان ڏينهن تي گهر ۾ ۽ ٻاهر ته ڏيئن جي روشني ڀلي جهڳمڳايو پر گڏوگڏ پنهنجي هرديه ۾ گيان جو ڏيئو به ٻاريو . انڌڪارميه جيون نه گذاريو، پرڪاش ۾ جيئو. جيڪو پرڪاشن جو پرڪاش آهي اُن دويه پرڪاش جو يعني پرماتما جي پرڪاش جو چنتن ڪريو.

سورج، چندرما، اگني، ديپڪ وغيره سڀ پرڪاش جا ذريعا آهن. انهن کي ڏسڻ لاءِ اکين جي جوت ضروري آهي ۽ اکين جي جوت ٺيڪ آهي يا نه، ان کي ڏسڻ لاءِ من جي جوت ضروري آهي. من جي جوت يعني من جي سالمي، ان کي ڏسڻ لاءِ ٻڌيءَ جو پرڪاش گهرجي ۽ ٻڌيءَ جا رايا صحيح آهن يا غلط، ان ڏسڻ لاءِ آتم جوت ضروري آهي.

اُن آتم جوتيءَ سان ئي ٻين سڀني جوتين کي ڏسي سگهبو آهي، پر اِهي سڀ جوتيون ملي ڪري به آتم جوت کي نٽيون ڏسي سگهن. وڏ ڀاڳي آهن اُهي، جيڪي اُن آتم جوت پراپت ٿيل سنتن جي در تي پهچي، پنهنجي آتم جوت جڳائيندا آهن.

جوتين جي هن شڀ ڏڻ تي اسين سڀ اهو سنڪلپ ڪريون ته :

”سنتن ۽ ستگرن جي ڏسيل راهه انوسار جيون جيِ اسين به پنهنجي اندر جي پرڪاش کي جاڳائيندا‌سين .... اگيانَ جو انڌڪار مٽائي، گيان جو ديپڪ ٻاريندا‌سين. دک ۾ دکي ٿيڻ ۽ سکن ۾ سرهو ٿيڻ، ڊپ ۾ ڏکي پنهنجي آتم شڪتي وڃائڻ ۽ چنتا ۾ چڪناچور ٿيڻ ..... اهي تيج رانديون ڇڏي، دکن کان‌دور، سک سروپ، نشچنت، نربيه ۽ پرم آنند سروپ آتم جوت سان پنهنجي جيون کي به سچي آنند سان ڀرپور ڪندا‌سين ....

جيئري ئي دنيا کي ڪيئن ڇڏيون؟
شرير کي مان ۽ شرير جي سنٻنڌن کي منهنجا مڃڻ جي بيوقوفي
ب، وهنوار ڪرڻ سان جيئري ئي دنيا ڇڏجي ويندي. پوءِ ور ور
و نہ پوندو.

. شرير پهرئين نہ هو ۽ پوءِ بہ نہ رهندو. اِها ڳالهہ تہ سوُ ٽڪا سچي
ي. شرير جا سڀ رشتا بہ شرير ڇڏڻ سان ڇڏجي ئي ويندا. سنسار
هو، سنسار جي سنٻنڌن کي بہ سنڀاليو، ڪا منع ناهي پر آسڪتي رهت
ا سنڀاليو. سنسار سان ڇهڻي اجائي عمر نہ وڃايون.

दुनियाँ का सदा से यही कारखाना है।
कल था किसी का और आज किसी का ज़माना है॥

دنيا جو ڪارخانو ائين ئي هلندو آيو آهي ۽ هلندو رهندو. دنيا جي
و ۽ دنيا جي پراِستيءَ کي ڇهڻ جي جيڪا عادت آهي، سا اُتان
ي، انترىامي پرماتما ۾ لڳائي ڇڏيو. توهان جو تہ ٻيڙو پار ٿيندو، پر
ن جي منڙي نظر جن تي بہ پوندي اُهي بہ پرمانند جا حقدار بڻجي پوندا.

ॐ ★ ॐ ★★ ॐ ★★★

جنهن کي ڪوئي روڪڻ - ٽوڪڻ وارو نہ آهي، ان کان وڌيڪ نياڳو
دنيا ۾ ڪوئي بہ نہ آهي.

ڀڳوان جي درشن کان بہ وڌيڪ ڦل ڀڳوان جو چريتر ٻڌڻ سان ملندو
ي ۽ ڀڳوان جو چريتر ٻڌڻ کان بہ وڌيڪ ڦل سچن سنتن جو جيون
تر پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان ملندو آهي.

دارٿا جي درڍتا ۽ اُديش جي پويترتا اهي ٻئي گڏجي ڪري پڪ
بازي ماري ويندا ۽ جيڪڏهن هڪ مني پر ماڻهو انهن ٻن هٿيارن
ي سجايل رهن تہ نشچت (پڪ) تي سمورن وگهنن ۽ مصيبتن جو
لو ڪري آخر ۾ جيت حاصل ڪندا.

چنتن پراڳُ

هوُ ڇا ڇڏي ويا؟

ٻه دوست سانجهيءَ جي وقت، واندڪائيءَ ۾، گپ ڇپ ڪري رهيا هئا. ڳالهه ۾ هڪ چيو، ”تورا ڏينهن اڳُ منهنجو ڏاڏو گذاري ويو. پر يار! هوُ چڱو ڪجهه ڇڏي ويو.“

رهندو هو جهوپڙيءَ ۾ پر ٻاڙون هٽندو هو وڏيون. ٻي پڇيس:

”يار ! ڪيترو ڇڏي ويو؟ پنجاهه هزار چانديءَ جا رپيا .....“

”ان کان به وڌيڪ.“

”ته ڇا تنهنجو ڏاڏو لک رپيا ڇڏي ويو؟“

”ان کان به وڌيڪ.“

”ڏهه لک.“

”هون ..... ان ۾ ڇا؟“

”اڙي يار! آهيون ته جهونا دوست. هاڻي ٻڌاءِ ڪٿي مان توتي وشواس ڪندس. سچ ٻڌاءِ پنجويهه لک؟“

”مان حساب نٿو لڳائي سگهان ايترو ڇڏي ويو آهي.“

”ته ڇا ڪروڙ ڇڏي ويو اٿيئي؟“

”نه ڙي....“

”ته ڇا ان کان به وڌيڪ ڇڏي ويو اٿيئي؟ آخر ٻڌاءِ ته سهين.

”يار ! بابو ويو ته سڄي دنيا جي ملڪيت ڇڏي ويو.“

اها ته گپ-ڇپ جي ڳالهه تي پر ڪوئي سڪيا وٺڻ چاهي ته اُن مان به گهڻو ڪجهه سکي سگهي ٿو.

جيڪو هن دنيا مان ويندو آهي، سو نه چاهيندي به سڄي دنيا ڇڏي ويندو آهي. مري، دنيا کي ڇڏڻو پوي ان کان بهتر آهي ته توهان جيئري ئي دنيا کي ڇڏي ڏيو.

ستسنگہ جي سنڌ

ئين انڪ کان هلندڙ ......)

هڪ دفعي ڪا ٻلي سپنو ڏسي رهي هئي. ايتري ۾ هڪ ڪتو سان ڀونڪڻ لڳو. ٻليءَ چيس : ”اڙي پاڳل! هي ڪهڙي گڙ-بڙ ئي ڇڏيئہ، مان مست سپنو ڏسي رهي هيس.“

ڪتو : ڪهڙو سپنو؟

ٻلي : برسات جو سپنو. ڪوئن جي برسات پيئي پوي. ڏاڍو مزو آيو.

ڪتو : ڪهڙي نہ مورکہ ڇئبيئن! ڪوئن جي ڪڏهن برسات ي آهي؟ اڙي، ماس سان ڀريل هڏين جي برسات پيئي پوي، ن چئہ. اهڙو سپنو ڏسندي هونديءَ.

هيءَ سڄو جڳت آشائن ۽ ترشنائن سان ڀريل آهي. ڪو ڪهڙيءَ تہ ڪو ڪهڙيءَ ترشنا سان ڀريل آهي.

اِڇائون ٿينديون ڪيئن آهن؟ اکہ ڏسندي آهي، ڪن ٻڌندا ، نڪ سنگهندو آهي، جڀ چکيندي آهي. ٻاهرين شين جو اثر رين تي ٿيندو آهي ۽ من ان سان جڙي ويندو آهي. ٻڌيءَ ۾ ڪڏهن گيان وئراڳہ آهي تہ اِندريون وشين جي نتيجي جي ڄاڻ يون. جيڪڏهن نتيجي جي ڄاڻ هوندي تہ آشائون گهٽبيون ويندون.

من ۾ جيئن اڇي تيئن ڪري ڇڏڻ سان انسان پنهنجي درجي ڪري پوي ٿو. پر شاسترن جي مت اَنوسار، سادگي ۽ سنجم سان ، اِڇائن کي پورو ڪندي، من جي سنڪلپن ۽ وڪلپن کي دور ي ۽ آتما ۾ پختو ٿي وڃي تہ هوُ اِڇا رهت پد ۾، آتم پد ۾ اِستت وڃي ٿو. پوءِ تہ ان پرش جي اڳيان سنساري ماڻهن جون منوڪامنائون ون ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ هرديہ جي تپت مٽجڻ لڳندي آهي.

اهڙي پرش لاءِ قدرت پنهنجا راز کولڻ لڳي ٿي. هوُ اگر چاهي

جيون جو مقصد

جيو آتما پرماتما کان پري رهي پرماتما کي پسڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. اِنڪري جيو ۽ پرماتما جي وچ ۾ مايا جو پردو اچي ويندو آهي ۽ پرماتما جو شڌ سروپ ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي. جيڪو پرماتما جي شرن ۾ رهي پرماتما کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ان کي پرماتما جو ساڪياتڪار سولائيءَ سان ٿيندو آهي.

لوڻ جو ڳنڍو سمنڊ کان جدا رهي سمنڊ جي گهرائي پائڻ چاهي تہ اهو ناممڪن آهي، سمنڊ جي گهرائيءَ ۾ ويندي ئي لوڻ جذب ٿي ويندو. اَهڙيءَ طرح جيو آتما پرماتما کان پري رهي، هن کي جاڻي نہ سگهندي. ۽ جيڪڏهن پرماتما جي گهرائيءَ ۾ ويندي تہ پاڻ نہ بچندي، پر برهم پرماتما روپ ٿي ويندي.

جيئڻ جي، جاڻڻ جي، حاصل ڪرڻ جي، آنند ماڻڻ جي واسنا جي ڪري ئي منش ايشور کان اَلڳ رهجي ويندو آهي. جيڪڏهن هو ايشور سان هڪ ٿي وڃي تہ هن کي ڊپ، چنتا ۽ دکہ ڳولهيندي بہ نہ ليندس.

ڀڳوان جو ساڪياتڪار ٿيڻ کانپوءِ وڏي ۾ وڏو سکہ بہ توهان کي متاثر نہ ڪري سگهندو ۽ نہ ڪو دکہ ئي دکي ڪري سگهندو. توهان کي اُن انترياامي پرماتما جي سکہ جو آزمودو نہ آهي، انڪري سنساري وشين جي جار ۾ ڦاسي پئو ٿا.

جڳت ۾ دکہ-سکہ، نندا-اُستتي ڪجهہ بہ توهان کي ڇهي نہ سگهندو. توهان پرماتما جي موڪليل هر حالت جي تپاس ڪرڻ واري نظر جو وڪاس ڪريو. پوءِ ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ توهان پرماتما جي ڪرپا ۽ پريرڻا جو اَنڀو ڪندا.

☆ ☆ ☆

گيان ڌارا

يوگ وسشٽ مان ڪي ورق

وسشٽ مهراج چون ٿا تہ هي رامچي! پرشارٿ ڇاکي ٿو چئجي،
-

گيانوان جي مهاپرش آهن ۽ ست شاستر، جن ۾ برهم وديا
تن جي انوسار جتن ڪرڻ جو نالو پرشارٿ آهي. تنهن پرشارٿ
ائڻ جوڳ ڪيول آتما ئي آهي، جنهن ڪري جيوُ سنسار سمنڊ
ار ٿئي ٿو. هي رامچي! جو ڪجهہ سڌ ٿئي ٿو سو پنهنجي
ٽ سان ئي ٿئي ٿو، ٻيو ديو تہ ڪوبہ ڪونهي. جو منش شاسترن
ڪيا انوسار پرشارٿ کي تياڳي ڇوي ٿو تہ جيڪي ڪندو سو ديو
ندو، اهڙو منش گڏهہ آهي. اهڙي منش جو سنگ ڪرڻ ڏکہ جو
آهي. منش کي گهرجي تہ پهريائين پنهنجي ورن آشرم جي
ڌرم تي هلي ۽ اَشڀ ڪرمن کي تياڳہ ڪري. تنهن کان پوءِ
جو سنگ ۽ ست شاسترن جو ويچار ڪري ۽ پنهنجي گڻ دوش
، ويچاريندو رهي، تہ سڄي ڏينهن ۽ رات ۾ ڪهڙا ڪهڙا شڀ
ڀ ڪرم ڪيا اٿم. تنهنکان پوءِ پنهنجي گڻ دوش جو ساکي ٿي
ہ، ڌيرج، وئراڳہ، ويچار، اڀياس ۽ ٻين شڀ گڻن کي وڌائيندو
۽ جي دوش هجن تن جو تياڳہ ڪري. جڏهن اهڙي طرح
ي آهستي پرشارٿ ڪندو رهندو تڏهن پرم آنند روپ آتم تتو
ئيندو. هي رامچي! جهڙي طرح جهنگل جو گهايل هرڻ ڪنن
آدڪ کي رسيلو جاڻي ڪائي ويندو آهي تهڙي طرح جيو کي
ب، پٽن، ياٽي ٻنڌن ۽ لڪشمي آدڪن ۾ ٻڌو رهڻ نہ گهرجي.
انهن کان وِرَڪتِ ٿي ڏندن سان ڏند ڪرٽي سنسار سمنڊ کان
ڻ لاءِ جتن ڪرڻ گهرجي. جهڙي طرح ڪهير شينهن ٻل سان
ب کي ٽوڙي نڪري ويندو آهي تهڙي طرح سنسار سمنڊ کان
ب وچڻ جو نالو پرشارٿ آهي.

تہ نہ پڑهيل گرنٿن ۽ شاسترن جا رهسيہ بہ ٿوري درشٽي وجهڻ سان ئي جاڻي سگهي ٿو، ہين جي من جا ويچار سمجهي سگهي ٿو ۽ ديوتائن جي اصليت هن جي اڳيان ظاهر ٿيڻ لڳي ٿي.

سنت ڪبير چيو آهي :

कबीरा जोगी जगत गुरु, तजे जगत की आस।
जो जग की आशा करे, जग गुरु वह दास॥

جنهن جڳت جي آس تياڳي آهي اهو جڳت جو سوامي آهي ۽ جيڪو آس جو داس آهي تہ جڳت هنجو سوامي آهي.

منهنجي پوڄا ٿئي .... منهنجو مانُ ٿئي .... اها جيڪا اِڇا آهي اها توهان کي پوڄڻ لائق، مان لائق بڻجڻ نہ ڏيندي. مانُ پائڻ جي جيسين تائين اِڇا رهندوَ تيسين تائين توهان کي مانُ نہ ملندو ۽ جي ملندوَ بہ تہ بقاءُ نہ ڪندوَ. ٻاهرين سکہ جي اِڇا ڇڏيندي ئي سکہ جا پدارٿ توهان جي پنيان پيا ڦرندا رهندا. مانُ ڏيڻ وارا توهان جي اِردگرد حاضر ٿي ويندا. پر توهان ائين نہ سوچيو تہ مونکي مانُ ملي....، مان مانَ جي اِڇا ڇڏيان ٿو .... اهڙو ڀاو آهي تہ گهرائيءَ ۾ مانَ جي اِڇا رهندي. اِڇا ڪيل پدارٿ تيسين تائين نہ ملندا جيسين انجي اِڇا، واسنا رهيل آهي. اِڇا ڪيل پدارٿ پائڻ جو ويچار هٽائي ڇڏيو تہ اهي پنهنجو پاڻ توهان وٽ هليا ايندا.

ڌن جو اُپيوگہ ڪرڻ هڪ ڳالهہ آهي، پر ڌن کي وڏائي، مري وڃڻ ٻي ڳالهہ آهي. هيترو ڌن ملندو تہ سکي ٿي ويندس .... هيتري ستا ملندي تہ مان سکي ٿيندس ..... هيترا ٻار ٿيندا ۽ منهنجي سيوا ڪندا تہ مان سکي ٿيندس ...'' اِنهن آشائن اَسانکي ماري وڌو آهي. انهن کي دور ڪرڻ لاءِ ڀڳوت پراپتيءَ جي آشا رکڻ گهرجي. ڪوئي چوندو ''ڀڳوت پراپتيءَ جي آشا بہ تہ اِڇا ئي آهي.'' ها، اِها اِڇا تہ ضرور آهي پر ہين اِڇائن کي مٽائڻ واري آهي. اِها اِڇا نہ چئجي. اها نشڪام اِڇا چئبي. اِن ڪري شاستر چون ٿا تہ شڀ ڪرم ڪريو، پر پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ڪريو.

* انيو امرت *

...ين جن جي ڪرپا سان ناممڪن بہ ممڪن ٿيو

... سنہ ١٩٦٨ ۾ منهنجين ٻنهي اکين ۾ زخم ٿي پيو هو. علاج
...ڻ سان ساڄي اک تہ ٿوري ٺيڪ ٿي، پر کاٻي اک جا پردا هڪ
...سان چنبڙي وڃڻ جي ڪري نظر هڪدم بند ٿي ويئي.

... سنہ ١٩٧٠ ۾ ساڄيءَ اک ۾ ڪارو موتيو اچي ويو. هڪ ۾ موتيو
...ءَ ۾ پردا چنبڙيل انڪري ڏسڻ بند ٿي ويو. ڪيترن ئي
...ٽرن سان ان باري ۾ صلاح ڪئي ويئي. انهن چيو، ''اها بيماري
...تائين ڪانہ ڇڏيندءِ. هن پرٿويءَ تي اهڙي قسم جي اکين ڪي
... ڪرڻ لاءِ ڪوئي ڊاڪٽر پيدا ئي ڪونہ ٿيو آهي.''

... ٻہ سال اڳ، سورت ۾ مون سائين جن کان منتر دِڪشا ورتي.
...دِڪشا کان ٨-١٠ مهنا پوءِ مون سائين جن سان اِها ڳالهہ ڪئي.
...ن جن وراڻيو، ''ٻنهي هٿن جون تريون پاڻ ۾ مهٽي،

‘ॐ हरि ॐ मम चक्षु आरोग्य जाग्रे जाग्रे’

... اهو منتر چئي گرم گرم هٿ اکين تي ٣-٤ دفعا رک. سڀ
... ٿي ويندو.''

... اڄ سائين جن جي ڪرپا، سندن ٻڌايل منتر ۽ پريوگ سان مان
... جهڙو ٿيو آهيان.

द्वार दया का जब तु खोले, पंचम सुर में गूँगा बोले।
अन्धा देखे लंगड़ा चलकर पहुँचे काशी रे .....

... ان سال ئي سائين جن جي ڪرپا جو زوردار آزمودو ٿيو.
... ڪلڪتي جي رستن تي هلڻ وقت ٽئڪسيءَ جي نوڪر ڪائي مان
...ٽوٽ پري وڃي ڪريس. ان جي ٻنهي ڦيٿن جي وچ ۾ وڃي ڦاٿس.

جوانن کي جاڳائڻ جو سنديش

جيڪو ماڻهو اٽل هوندو آهي، محڪم هوندو آهي، اهو هر قسم جي حالتن کان پار پئي پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ويندو آهي.

ابراهيم لنڪن هڪ مشهور ۽ پڪي اِرادي وارو اِنسان هو. هن جيون جي مارگ ۾ ايندڙ آپدائن جو محڪمتا سان مقابلو ڪندي سڦلتا پراپت ڪئي هئي.

هڪ دفعي ابراهيم لنڪن پنهنجي دوست سان گڏ ڪنهن پهاڙ تي سئر ڪرڻ پئي ويو. اميريڪا ۾ ته موسم جو ڪو ڀروسو ئي نه هوندو آهي. پهريائين ته واتاورڻ صاف هو پر ٿوري دير ۾ اچي طوفان لڳو. تيز هوائن سان زوردار برسات به شروع ٿي ويئي. ابراهيم لنڪن جو دوست ته زمين تي ويهي رهيو، پر لنڪن ان ئي حالت ۾ بيٺو رهيو. بيٺي بيٺي، هُو طوفان ۾ لڏندڙ هڪ وڻ تي ٽڙيل گُل ڏانهن نهارڻ لڳو.

ٿوري ئي وقت ۾ واتاورڻ هڪدم شانت ٿي ويو. ابراهيم لنڪن جو متر وٽس آيو ۽ چوڻ لڳو: ”مان ته ڊپ وچان ويهجي ويس پر تون ڪيئن درڍتا سان بيٺو رهين؟“

لنڪن چيو، ”تنهنجي نظر بادلن ڏانهن هئي، جيڪي هلندي هلندي وسي رهيا هئا پر منهنجي نظر هڪ ماڪيءَ جي مکه تي هئي، جيڪا هن ڀاري طوفان ۾ به لڏندڙ وڻ جي ٽڙيل گل تي مضبوط نموني ويهي پنهنجو ڪاريه ڪري رهي هئي. اُن کي طوفان ۾ وڻ جي لڏڻ-ٻڏڻ جي جهٽڪ خبر ئي نه هئي. جڏهن هڪ ننڍڙي مکه به پنهنجو ڪاريه محڪمتا سان ڪري سگهي ٿي ته اسين پختا ڇو ڪين رهون؟“

لنڪن جي محڪمتا جو ئي ڦل هو جو هُو هڪ تمام ساڌارڻ ماڻهوءَ مان اميريڪا جو راشٽرپتي بڻجي سگهيو. هن جي سڦل جيون جو رهسيه هو محڪمتا، ڌيرج، اُتساهه، ساهس ۽ درڍ پرشارٿ. انهن گڻن سان گڏو گڏ اگر ڪنهن جيون مڪت مهاپرش جو ستسنگ ۽ سانيڌيه به مليس ها ته هُو اوس مُڪتيءَ جي منزل تي پهچي سگهي ها.

هي نوجوانو! توهان به پنهنجي جيون ۾ محڪمتا ۽ درڍ پرشارٿ جو سهارو وٺو، آتم گياني مهاپرشن جو سنگ ڪريو ۽ کانئن دويه جيون جيئڻ جو ڍنگ سکو. اِئين ڪرڻ سان اوهان جيون جي راهه ۾ ايندڙ آفتن جو مقابلو ڪري وڃي پرماتما کي پراپت ڪندا.

سڦلتا جو انوکو پريوگ

ڌيان هڪ انوکو پريوگ آهي. ان جو اڀياس ڪرڻ سان هرڪو ماڻهو
ڄين بہ بيماريءَ ۾ لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿو. فقط ايترو ئي نہ، نيم
ن وڏي پوروڪ اڀياس ڪرڻ سان اڌياتمڪ توڙي دنيوي، ٻنهي کيترن
ڳ ڪڏهن بہ نہ ملي هجي، اهڙي ڪاميابي پراپت ڪري سگهجي
.

ڌيان جو صحيح اڀياس ڪرڻ لاءِ پربات جو چئين بجي کان ستين
ي تائين، منجهند جو ساڍي يارهين بجي کان هڪ بجي تائين ۽
جي ۽ جو پنجين کان ستين بجي تائين سنو وقت آهي.
ڌيان ڪرڻ وقت، اجو اُجرو ٿي، ڪنهن شانتيءَ واري ايڪانت اِستان
، ڪمبل جو آسڻ وڇائي، شانت چت ٿي پدم آسڻ، سڌ آسڻ، يا
سڻ ۾ ويهجي. اِن کان پوءِ جپ جو اڳيون حصو مٿين يا هيٺين ڏندن
، پاڙ ۾ لڳائجي. اهڙيءَ ريت پربات جو اڇي رنگ جو منجهند جو
هي رنگ جو ۽ سانجهيءَ جو شيام رنگ جو، ٻنهي ڀروُن جي وچ ۾ ڌيان
جي.
انهن ٽنهي وقتن تي الڳ الڳ رنگن جو ڌيان ڪرڻ سان سرير ۾
رستيءَ جا جزا وڌندا، روڳ نوارڻ ڪندڙ شڪتيءَ جو وڪاس ٿيندو،
شانت ٿيندو ۽ شانت من ۾ ادبت بل پرڪٽ ٿيندو. جنهن سان ماڻهو
اتمڪ ۽ دنيوي ٻنهي کيترن ۾ ساراه جوڳو ۽ چمتڪاري لاڀ حاصل
ي سگهندو. وديارٿين لاءِ تہ اهو پريوگ تمام لاڀدايڪ آهي. ائين ڪرڻ
ن تعليمي کيتر ۾ بي جوڙ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي. ان
وگ جو نيڪ طرح سان اڀياس ڪرڻ تي اڄ تائين هزارين ماڻهن
رستي پراپت ڪئي آهي.

☆ ☆ ☆

اهائي ٽئڪسي مونکي ميڊيڪل هاسپيٽل پهچائي آئي. اُتي منهنجي مٿي ۽ ڪمر جو ايڪس-ري ورتو ويو. ٻنهي هنڌن تي ڳجهي چوٽ لڳي هئي. مٿي تي گهٽي خون جمي وڃڻ ڪري اهي ماڻهو مونکي زبردستيءَ اسپتال ۾ ڀرتي ڪرڻ پيا چاهين. اسپتال ۾ ڪم ڪندڙن جي لا پرواهيءَ ڪري ڪيترائي مريض ائين ئي مري ويندا آهن، انڪري مون اُتي رهڻ پسند نہ ڪيو. مون سڀ ڪجهہ سائين جن تي ڇڏي ڏنو. منهنجي پاڙي واري ڊاڪٽر کان صلاح وٺي علاج ڪرايو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ مان نوبنو ٿي پيس.

ٽئڪسيءَ جي زوردار ٽڪر لڳڻ تي بہ منهنجو ڪجهہ بہ نہ بگڙيو. اها سائين جن جي ئي تہ ڪرپا آهي.

سائين جن جي چرڻن ۾ ڪوٽي ڪوٽي پرڻام

شنڪرلعل رامچندر

ڪلڪتا (بنگال)

* * *

❂ پترن کي پوڄڻ سان ونش پرمپرا اڳتي وڌندي آهي. ديوتائن جي آراڌنا سان اِندرين ۾ ٻل وڌندو آهي. ڀڳوان رام، ڪرشڻ ۽ شوَ جي اُپاسنا سان مانسڪ ٻل وڌندو آهي. سانکيہ جي ويچار سان ٻڌيءَ جو ٻل وڌندو آهي. پر ايشور ساکياتڪار سان، ان جي سروپ کي ڄاڻڻ سان آتم ٻل پورڻ ٻل پراپت ٿيندو آهي.

❂ بري چريتر کان ڇٽڪارو پائڻ لاءِ ڌرم آهي، واسنا جي نورتيءَ لاءِ اُپاسنا آهي، راڳہ-دوئيش مٽائڻ لاءِ ايشور جي شرڻاگتي ضروري آهي. پر اگيان مٽائڻ لاءِ فقط هڪ ساڌن آهي. جيسين ستگرو وويڪ واري گيان ئي ٻڌي جاڳائي واسنا جي، مايا جي اگيان جي پردي کي ڪٽين نٿا تيسين منش جنم جو مقصد پورو نہ ٿيندو.

ائين ان سناتن شانتيءَ کي چونہ پائي ونان.

जहाँ में उसने बड़ी बात कर ली
जिसने अपने दिलबर से मुलाकात कर ली ॥

سناتن ڌرم پنهنجي حقيقي سروپ کي ڄاڻڻ جي اپيا ڪري ٿو.
ن جو اوائل ڌرم اسان کي سيکاري ٿو تہ اسين پنجن تتن جو نهيل
شرير نہ آهيون. واستو ۾ اسين پاڻ برهم آهيون، جيڪو سرشٽيءَ جو
تا ڌرتا آهي. 'مان' ۽ 'تون' اهڙو ڀيد ڀڳوان نہ، پر اسان ٿي بڻايا
. حقيقت ۾ اسان ڀيد رهت برهم آهيون. سڄو ڄڳت برهم روپ
آهي. مايا جي ڦندي ۾ ڦاسي هڪ ٻئي کي هندو، مسلمان ۽ سِکہ
ائي مڃي، تنگ ويچار ڌارائن ۾ وهي وڃون ٿا. ڏکہ، اشانتي، جهيڙي
نتا وغيره جي ڦندي ۾ ڦٽڪي مرون ٿا نہ تہ سناتن ڌرم.........

ايڪو اهم ڏِوتيو ناستي

اسين سڀ هڪ آهيون، الڳ نہ آهيون....... اهو ڏوي سنديش وشوَ کي
ٿو ۽ اهوئي سناتن ستيہ آهي، ان سناتن ستيہ روپي وشال، نڪتہ
جو اثر سماج تي جيترو هوندو، اوترو ئي سک، پيار، آنند ۽
نجائپ، ديا، عمل (ڪروڻا) ۽ اهنسا وغيره سڀ ديوي گڻ سماج ۾
ندا. ان ستيہ سان ناتو جوڙڻ ئي وهنوارڪ ۽ اڌياتمڪ ڄڳت ۾ اُنتيءَ
مُول منتر ۽ وٿندڙ جيون جي چابي آهي.

☆ ☆ ☆

سدائين خوشحال رهڻ ايشور جي اعليٰ ڀڳتي آهي.
ايشور ڪانسواءِ ڪتي بہ من لڳايئہ تہ آخر ۾ روئڻو ئي پوندو.
پلائي ڪندين تان پلو تنهنجو ٿيندو، پلائيءَ جا پاڙا ڏٿي
توکي ڏيندو.

سناتن ڌرم

گيان پريم ۽ مذرتا جو مهاساگر

دنيا جي هر پراچين ڌرم، سلجهيل پنٿ ۽ ڪيترن ئي سڄاڻ ست پرشن ۽ راجائن مهاراجائن جنهن کي خوشيءَ سان سويڪار ڪيو ۽ آزمودا ڪيا، سڄي پرٿويءَ تي، چوڏهن ئي لوڪن ۾ جنهن جي سلطنت ڇانيل آهي، اهو آلمگيرُ، برهمانڊير ۾ ڦهليل ڌرم آهي سناتن ڌرم.

الڳ الڳ ديش، ڪال ۽ حالتن جي انوسار جدا جدا ڌرم ٺهيا آهن، پر سناتن ڌرم سمپورڻ انسان ذات جي وڪاس جو مارڳ ڏيکاري ٿو. سناتن ستيه روپي ڌرم، هر جيو جي دل ۾ ڌڙڪي ٿو. سناتن ستيه هر اِنسان جي اندر ۾ اها لڪل ۽ سنل پرماتما جي شڪتي آهي جنهن جي جاڳڻ سان منش جو (شاريرڪ ۽ مانسڪ) پورڻ وڪاس ٿيندو. انسان جيترو جيترو سناتن ستيه جي ويجهو هوندو، اوترو اوترو هن جو جيون وٽندڙ ٿيندو. جيتري قدر انسان جو سنبنڌ سناتن ستيه سان جڙندو، اوتري قدر هن جون سنل شڪتيون جاڳرت ٿينديون، اوتري قدر هُو پنهنجي ڪيتر ۾ اُنتي ڪندو. اها حقيقت آهي ته منش جيترو پنهنجي ديه کي سچي سمجهي، تنڳ ويچار ڪندو، اوترو ئي سچي سک کان پري ٿيندو ويندو. اجوڪو انسان سرير جي پوڄا ۾، وڏن وڏن سک-سڀنڌن سان پرپور ۽ عيش - آرام ۾ غلطان رهڻ ۾ ئي سڄو جيون ضايع ڪري ٿو، ان ڪري هُو پنهنجي آتما پرماتما جي گيان کان محروم رهجي وڃي ٿو.

شريمد ڀاڳوت جي ڪنهن پرسنگ ۾ اچي ٿو ته رهوڳڻ راجا راج-ڀاڳ جا سک ڀوڳڻ وقت ويچاري ٿو ته جنهن ديه کي جلائڻو آهي، ان کي پوڄڻ ۾ ته گهڻو ڀٽڪايو، پر موت جو هڪ جهٽڪو لڳندي ئي سڀ ڪجهه کسجي ويندو، پرائو ٿي ويندو. موت اچي سڀ ڪجهه ڇني، ان کان

چنڊ، تارا، آسمان، بادل، بهار، سرءُ، بسنت سڀ رچيا اٿس. طاقت
هي اسان کي جو ان جي مهما جو ورنن ڪري سگهجي. اننت مايا
اُن جي، جنهن جو ڪو انت ئي ڪونهي. سڀ ڪجهه ڀڳوان جو
ڄهجي، سڀ ڪجهه ڀڳوان جو آهي. جي ڏئي ته به خوش، جي نه
ته به خوش. سک ئي سک آهي. سدائين هر ڳالهه ۾، هر حال ۾
جي ڀڳوان ڪري يا ٿئي، تنهن تي راضي رهڻ گهرجي. سنتوش سان
ئي چئجي ته ڀڳوان سڀ ڪجهه ڀلو ئي ڪندو آهي. نسوارٿي ٿي شيوا
ي. ڪابه آشا من ۾ نه رکجي. هميشه صبر ڪجي. ڀڳوان اُن صبر جا ڀاڙ؟
ر ڏيندو.
ست پرش يا گروءَ يا ٻئي ڪنهن کان به ڪجهه ڳالهه يا سوال پڇڻو يا
و هجي ته بلڪل پريم سان سچيءَ سک شرڌا سان آهستي - آهستي
ي، سمجهي پوءِ وات مان اکر ڪڍجن. پرماتما ۾ سچي سک ۽ پريم
ي ته بس هڪ اُهوئي اسان جو مالڪ پرم پتا آهي. اُنهيءَ کي هر
هلندي چلندي ياد ڪندو رهجي ۽ ڳڻ ڳائيندو رهجي. 卐

ا پيچ جو بچيل........
ستي ٻٽي رهندي. سُستي لڳي ته ٿوري هل - چل ڪجي يا باقي
ڊ ڦتائڻ لاءِ چانهه يا سگريٽ نه پيئجي.
گهڻي دير تائين ٽي. وي. نه ڏسجي، ان سان هڪ ته وقت برباد
ي ٿو ۽ ٻيو اکيون خراب ٿينديون آهن. ٽي. وي.ءَ تي ڪوئي گيان
ائيندڙ پروگرام هجي ته ئي ڏسجي. خراب ۽ اجايا پروگرام ڏسي
هنجو وقت، پنهنجي پڙهائي ۽ اکين جو ستياناس نه ڪجي.
جيڪڏهن وديارٿي انهن نيمن تي پختائيءَ ۽ سچائيءَ سان عمل
ندا ته انهن جي دماغ جي شڪتي وڌندي. ان ڪري هوُ پڙهائي
ي ڪري سگهندا ۽ امتحانن ۾ سنين مارڪن سان پاس ٿيندا.

پرم پوڄنيہ سائين ليلاشاه جن
جون سرل سکيائون

هميشه فضيلت سان هلڻ کپي. فضيلت سان اُٿڻ، وهڻ، سمهڻ، هلڻ، چلڻ ۽ ڳالهائڻ کپي. سڀني سان نمرتا سان ورتاءُ ڪجي. جيترو ٿي سگهي اوترو پنهنجو ڪم پاڻ ڪجي. ٻئي جي پروسي نہ رهجي. خوش ٿي پاڻ ڪم ڪجي. ٻين کي سک ڏجي. پهرين پنهنجو پاڻ کي سڌارجي پوءِ ٻين کي. جيستائين پنهنجو پاڻ کي نہ سڌارجي تيسين ٻين کي چوڻ جو بہ اڌڪار نہ آهي. اِنهيءَ مان اَيمان جاڳندو، اَيمان مان ڪروڌ پئدا ٿيندو. تنهن ڪري ڪوشش ڪري پنهنجو پاڻ کي سڌارجي ۽ ٻين کي ڪجهہ نہ چئجي. جي چوندو تہ ڏکہ پاڻ ئي پائيندو، ڇو جو پنهنجو پاڻ کي ڪونہ سڌاريو اَٿئون تہ ٻين کي ڪٿان سڌاريندا؟ ڳالهہ ۽ ساراهہ ۾ سدائين هڪ سرينکو رهجي.

پرماتما پاڻ کي سڀ ڪجهہ ڏنو آهي. وڏي ۾ وڏي ڄاڻ پاڻ کي عطا ڪئي آٿس، پاڻ سڀني کي ڄاڻندڙ آهيون ۽ سڄي شرير کان بلڪل الڳہ آهيون، اُهائي ڄاڻ ڀڳوان سروپ آهي، جو هميشہ سڀ ڪجهہ سمجهي سگهون ٿا ۽ ڄاڻون ٿا تہ اسان ڪي خراب ڪرم ڪريون ٿا يا سٺو. پاڻ کي اَندران آواز ملي ٿو تہ هيءُ ڪم ڪرڻ لائق آهي يا نہ؟

اِيشور اسان لاءِ سڀ ڪجهہ بڻايو آهي. کاڌو، پوشاڪ، هوا، پاڻي، ميوا. اناج وغيره سڀ سک ڏنا اٿس، ڀڳوان کي ڀلجي نہ وڃجي. سدائين اُنجا ڳڻ ڳائيندي پريم ۽ آنند کي پراپت ڪريون شل ڀڳوان اسان کي اِها سمتي بخشيش ڪري. لک شڪرانا اُن مالڪ جا جو سدائين اسان کي سنڀالي ۽ پالي رهيو آهي. ڪيڏو ورنن ڪجي اُن پريتم موهن منڙي منٺار جو؟ نديون، نالا، سمنڊ، گل، گلزاريون، باغ- باغيچا، بزاريون،

وديارٿي پنهنجي ٻڌيءَ جو ٻل ڪيئن وڌائين

ٻڌي ڪٿي بزار ۾ وڪڻجڻ، وڌائڻ جي يا ملڻ واري چيز نہ آهي. ٻر
س سان حاصل ڪرڻ ۽ وڌائڻ واري چيز آهي انڪري ڀرپور اَڀياس
ي، ٻڌي ۽ گيان وڌائڻ ۾ لڳي وڃو.

وديا، ٻڌي ۽ گيان جيترو خرچبو اوترو وڌندو. جيتوڻيڪ ڌن يا ٻيا
رت خرچڻ سان گهٽبا آهن. اُنجو مطلب اِهو ئي آهي تہ اَسين وديا
پراپتيءَ ۽ ٻڌيءَ جي وڪاس لاءِ جيتري ڪوشش ڪنداسين،اَڀياس
داسين، اوتروئي اسان جو گيان ۽ ٻڌيءَ جو ٻل وڌندو.

جي وديارٿي لڳاتار اَڀياس ۽ محنت ڪرڻ لاءِ توهان جي سرير ۽ دماغ
تندرست ۽ طاقتور هئڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ٿوري محنت ڪرڻ
وهان ٿڪجي پوندا تہ پڙهڻ لکڻ ۾ وڌيڪ دير تائين من نہ لڳندوَ.
دماغي طاقت لاءِ ڪجهہ اُپاءَ :

(الف) هڪ ٻاڙهي گجر ۽ پن گوبي لڳ ڀڳ ٦٠-٥٠ گرام يعني ١٠-
پن ۽ ٿورا ساوا ڌاڻا ڪٽي، مٿان سينڌو لوڻ، ڪارا مرچ (ڪُٽيل) ۽
ي جي رسَ وجهي، نيرڻ وقت خوُب چٻاڙي کائو.
پوچڻ سان گڏ هڪ گلاس ڏڌ بہ پيئو.

(ب) رات جو ٩ بجي کان پوءِ پڙهڻ لاءِ جاڳو تہ اَڌ-اَڌ ڪلاڪ جي
ءَ ۾ اَڌ گلاس ٿڌو پاڻي پيئو. اِئين ڪرڻ سان جاڳڻ جي ڪري
دڙ واتِ-دوش جي آپدا ٽرندي. هونئن بہ رات ١١ بجي تائين سمهي
ئي بهتر آهي.

(ب) پڙهڻ وقت جُهڪي ويهڻ يا ليٽڻ نيڪ نہ آهي. هميشہ پٺي
ي ڪري ويهجي، ائين ڪرڻ سان آلس ۽ ننڊ جو اثر نہ ٿيندو ۽

(بچيل ١٧ پيج تي)

تندرستي رهبر

هٿن دوارا علاج

سرير جي ڪنهن بہ عضوي جي پيڙا ۾ چمتڪاري درد مٽائيندڙ، صحت ۽ سونهن وڌائيندڙ ڇهائي (ڇهاءَ وارو) علاج. مانسڪ پوترتا ۽ ايڪاگرتا سان دل ۾ هيٺ ڏنل ويدڪ منتر پاٺ ڪندي ٻنهي هٿن جون ترِيون پاٺ ۾ مهٽي-مهٽي، گرم ڪري، ڪنهن بہ ڏکندڙ عضوي تي بار بار ٺاڪور ڪريو، ان ڪانپوءِ ٿوري پلڪ اکيون بوتي سمهي رهو. ائين ڪرڻ سان سندن جو سور، مٿي جو سور ۽ ٻين سيني قسمن جو درد دور ٿيندو. منتر هن ريت آهي :

अयं मे हस्तो भगवा, नयं मे भगवत्तरः ।

अयं मे विश्वभेषजो यं शिवाभिमर्शन ॥

ارٿات منهنجي هر هڪ ترِي ڀڳوان (عيشوريہ واري) آهي، پرياءَ شالي آهي، برڪت ڀري آهي. منهنجي هٿن ۾ دنيا ڀر جي سيني دردن جون دوائون آهن ۽ منهنجي هٿ جو ڇهاءُ ڪلياڻڪاري، سيني روڳن جو نوارڻ ڪندڙ ۽ سونهن بخشيندڙ آهي.

رات جو سمهڻ وقت بستري تي ليٽي ۽ صبوح جو بستري تان اُٿڻ کان اڳ اهو منتر اُچاريندي ٻنهي هٿن جون ترِيون هڪ ٻئي سان مهٽي مهٽي گرم ڪري، پوءِ اهي ترِيون مٿي کان وٺي پيرن جي ترين تائين نمبروار مٿي تي، وارن تي، نرڙ تي، اکين تي، نڪ تي، ڪنن تي، چپن تي، ڳلن تي، دل تي، پيٽ تي، پنيءَ تي، ٽڙن تي، ٽنگن تي، گوڏن تي، پنين تي، مُڙن تي، پيرن تي ۽ پيرن جي ترين تي، شانتي ۽ پريم سان ڇهو. ائين ڪرڻ سان توهان ڏسندا تہ توهانجي صحت ۽ سونهن گلاب جي گل وانگر ٽڙندي ويندي.

توهان جي مانسڪ پوترتا ۽ ايڪاگرتا جيتري وڌيڪ هوندي، اوتري ئي نسبت ۾ توهان هن منتر ۽ هٿن دوارا علاج ۾ سڦل ٿيندا.

☆ ☆ ☆

ذياريءَ تي لڪشمي پراپتيءَ جي ساڌنا

ڏياريءَ تي ماڻهو لڪشمي پراپتيءَ لاءِ ڪيترن ئي قسمن جون ساڌنائون ڪندا آهن. هتي اسين پنهنجن پاٺڪن کي لڪشمي پراپت ڪرڻ جو تمام سولو ءِ فقط ٽن ڏينهن جو اُپاءَ ٻڌائي رهيا آهيون :

ڏياريءَ جي ڏينهن کان ٽن ڏينهن (چنڊ، پائي ٻيج) تائين هڪ صاف ڪمري ۾ ڌوپ، ديپ ءِ اگربتي ٻاري، شرير تي پيلا وستر پهري، پيشانيءَ تي ڪيسر جو تلڪ لڳائي، اسڦٽڪ مڻين جي مالها سان هرروز پريات جو هيٺ ڏنل منتر جون ٻه مالهائون جپيو.



ॐ नमः भाग्यलक्ष्मी च विदमेह ।

अष्टलक्ष्मी च धीमहि ।

तन्नो लक्ष्मी प्रचोदयात् ।

ڏياري لڪشمي ماتا جو جنم ڏينهن آهي. ديوتائون دوارا سمنڊ ولوڙڻ وقت، اِن ڏينهن تي کير ساگر مان پرگهٽ ٿي هئي. ان ڪري گهر ۾ لڪشمي ماتا جو واس ٿئي ءِ غريبي دور ٿئي تنا آجيوڪا جو صحيح ڌارو ڪرڻ لاءِ هيءَ ساڌنا اوس ڪجي ائين ڪرڻ سان لڪشمي ماتا پرسن ٿيندي.

پچن مالها

عجب سڪ اندر ۾ - لاهوتين لڪايو.
وئراڳي ڪنهن - مزو تنهن مان آيو.

١- گرن گيان ڌاري - پنهنجي من کي ماري
اندر دل کي ٺاري - سچو نينهن لڳايو

٢- رهي سڀ کان نيارو - ڪڍي ٻيائيءَ ٻارو
ميٺي من مونجهارو - ورتيءَ کي ورايو

٣- سٿي سر جو سانگو - ڏِل پاءِ گهانگهو
تنهن کي تار تانگهو - اٿڪ نا اڙايو

٤- ’ليلا‘ لعل پائي - محبت من ملائي
ورتيءَ کي ورائي - سماڌيءَ سمايو.

☆ سکن جي مٽي ☆

پرڀ کي سمرن رڌسڌ نوڌ
پرڀ کي سمرن گيان تت ٻڌ
پرڀ کي سمرن جپ تپ پوڄا
پرڀ کي سمرن بنسي دوڄا
پرڀ کي سمرن تيرٿ اشناني
پرڀ کي سمرن درگهہ ملي
پرڀ کي سمرن هوءِ سيلا
پرڀ کي سمرن سڦل ڦلا
سي سمرهہ جن آپ سمرائي
نانڪ تاکي لاگئہ پائي.

ترجمو

صاحب جو ڪر سمرڻ، هردم رڌ سڌ نوڌ پائيندين
گيان ڌيان ٻڌ حاصل ٿيندءِ هر جا شان وڌائيندين.
صاحب جو ڪر سمرڻ، جنهنجو سمرڻ جپ تپ ڀڳتي آ
دل مان دور ڪدورت ٿيندي، سمرڻ ۾ سا شڪتي آ
صاحب جو ڪر سمرڻ بندا، سمرڻ تيرٿ جو اشنان
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، درگاهہ ۾ پائين مان ءُ شان
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان شڪر ڪري جيئندين،
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، جڳ ۾ جيوت جو ڦل پيو ڏسندين
سمرئي سوئي، صاحب ڪان سمرڻ جي شڪتي پائي ٿو
اهڙن ڀڳتن جي چرنن ۾ نانڪ سيس نوائي ٿو.

☆ ☆ ☆

درويش درشن پريمين لاءِ آنند ڀريو سماچار ⁕

اسانجي سنڌي سڄڻن، جن کي عربي سنڌي پڙهڻ، نہ ايندي
انهن درويش درشن پريمين جون ڏاڍي وقت کان جهڄهي
۾ ايندڙ عرضين کي ڌيان ۾ آڻي ''درويش درشن'' رسالو
گري لپيءَ (لکيل هندي، ڀاشا سنڌي) ۾ بہ شايع ڪيو ويندو.

سو توهان جي مٽن-مائٽن، دوستن، عزيزن کي ڀارت جي مهان
-درويشن جو اڌياتمڪ پرساد، شاريرڪ ۽ مانسڪ تندرستيءَ جا
ي اُپاوَ گهر ويني ملندا رهن، ان لاءِ جلد بہ جلد هن رسالي جو
ر بڻجڻ لاءِ اُتساهت ڪريو. هن ديوي ڪاريہ ۾ سهياڳي ٿيو.

جيڪي سڄڻ ۽ ديويون هيءُ پڄ ميہ ڪاريہ ڪرڻ چاهين اهي
ر بڻائڻ جو رسيد بوڪ گهرائڻ جي ڪرپا ڪن. هيءُ پويتر ڪاريہ
ڀاوَ سان ڪري سگهجي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪوئي چاهي تہ ڪميشن
ـہ پرٻنڌ آهي.

ڀانڪن ڏانهن خاص سوچنا

⁕ درويش درشن جو چندو روڪڙ، ڊمانڊ ڊرافٽ يا مني آرڊر
روپ ۾ ئي سويڪار ڪيو ويندو آهي. چيڪ يا پوسٽل آرڊر نہ ورتا
ا آهن.

⁕ ميمبرشپ وري نئين ڪرائڻ وقت مني آرڊر فارم ۾ پنهنجي
ي ائڊريس، پن ڪوڊ نمبر، گراهڪ نمبر ۽ ڪڏهن کان ميمبرشپ
ي ڪرڻي آهي اهو ضرور لکي موڪليندا.

⁕ ڪنهن بہ طرح جي شڪايت يا صلاح ڏيڻ وقت پنهنجو نالو
يس ۽ گراهڪ نمبر، پڙهي سگهجن اهڙي طرح صاف ۽ چٽن
ي ۾ لکي موڪليندا.

اوم ..... اوم ..... اوم.....!!!

❄ پوڄ سائينڄن جا ستسنگ ❄

تاريخ	شهر / استان	وقت	سمپرڪ فون
۸ کان ۱۱ آڪٽوبر ۱۹۹۸	پينسالي ميدان، ميرٺ (اُ.پر.)	صبح ۹-۳۰ کان ۱۱-۳۰ شام ۲-۳۰ کان ۵-۳۰	510481 (021) 544518, 546224 647044
۲۵ کان ۲۸ نومبر ۱۹۹۸	'شڪتي ڌام' سيڪٽر ٦ اي / گهه - ۲ سرڪل ايس. ٽي. ڊيپو جي اڳيان، گانڌينگر (گجرات).	صبح ۹ کان ۱۱ شام ۲-۳۰ کان ۵-۳۰	(02712) 27118
۳۰ کان ۱ نومبر ۱۹۹۸	'ڀڳتي ڌام' پرڪاش وديالیه ميدان، سڌپور کيرالوُ روڊ، بليبا. سڌپور (گجرات)	صبح ۹-۳۰ کان ۱۱-۳۰ شام جو ۳ کان ۵	(02767) 23107,22028 20393,23711
۴ کان ۸ نومبر ۱۹۹۸	پشچم دهلي	صبح ۹-۳۰ کان ۱۱-۳۰ شام ۴-۳۰ کان ٦-۳۰	5683825 5581304 5764161 5468533
۱۱ کان ۱۵ نومبر ۱۹۹۸ ۱۳ نومبر	مهاتما گانڌي ڪاشي، وديا پيٺ ميدان وارڻاسي (اُ. پر) ودیارٿين جي لاءِ	صبح ۹-۳۰ کان ۱۱-۳۰ شام ۴-۳۰ کان ٦-۳۰ صبح ۹-۳۰ کان ۱۱-۳۰	223601, 355703
۱۸ کان ۲۲ نومبر ۱۹۹۸ ۲۰ نومبر	گانڌي ميدان، پٽنا (بهار) ودیارٿين جي لاءِ	صبح ۹-۳۰ کان ۱۱-۳۰ شام جو ۳-۰۰ کان ۵-۰۰ صبح ۹-۳۰ کان ۱۱-۳۰	225596, 221793 672594

لکپرھہ لاءِ ائڈریس :

★ Sant Shri Asharamji Ashram
Sabarmati, Ahmedabad - 380005
Tel. : (079) 7505010, 7505011

★ Lajwanti G. Veerbhani
126, Kalidas Nagar,
Lambe Hanuman Rd,
Nr. Tikamnagar - 1, Surat.

★ Kiko Studio
Shop No.1, Plot No. 287,
Ward 12-13, Gandhidham (Kutch)
Tel : 22083

★ Nanakram Asudomal
Vardhaman Nagar
B. No. 151, Kalol (Guj) 382721
Tel. : 22757, 23549

★ Lata Khatwani
H. No. 1325, W.No. 3, Lodha Mohalla
Nasirabad, Ajmer (Raj) 305601
Tel. : 20914

★ Anoop Ramani
C/o Vastu Engineers
Y13/190A, Civilines,
Faizabad (U.P) 224001
(05278) 23689, 22058

★ Sant Shri Asharamji Ashram
O. T. Section, Ulhasnagar - 421 002
Tel. : (0251) 542696, 563881

★ Mohan G. Rohira
5, Uphar Plot 148, 10th Rd.
Khar, Bombay 400 052
Tel. : 6497670

★ Shri Yog Vedant Seva Samiti
C/o. Kishinchand S. Dhanwani
'Hari ॐ Shanti' Niwas
Kachhi Kholi, Sindhi Camp,
Akola (M.S.) Tel.: (0724) 435971, 439162

★ Shri Yog Vedant Seva Samiti
Hari ॐ Provision, 15 Municipal
Dharamshalla, Shivaji Rd,
Jalgaon (M.S) 425001
Tel : 27456, 225894

★ Sant Shri Asharamji Sat-Sahitya Kendra
Tak Plaza, Ambadevi Rd,
Amravati (M.S)

★ M/s Mahalaxmi Travels (shanker)
111A/19B, Ashok Nagar,
G. T. Rd., Nr. Coca Cola Chauraha
Kanpur (UP) - 208012
Tel : 291739, 297715

★ Santi Shri Asharamji Ashram
Khandwa Rd, Nr. Bilavali, Talab,
Indore (M.P) Tel. : 478031, 63068

★ Santosh Kumar Agarwal
C/o Prabha Kiryana Store,
Stn. Rd, Tilda Neora
Raipur (M.P) 493114

DARVESH DARSHAN

Shri Yog Vedant Samiti, Sabarmati, Ahmedabad-5.

Postal Registration No. : GAMC 640 ▫ Oct., 1998

Lic. to Post Without Pre-Payment Lic. No. : 273

(Monthly)



شڀ ڏياري

هي منگل مورتي منش ! تنهنجو پرم منگل سروپ پرگهٽ ڪر. تنهنجو هر سواس ڏياري آهي. تنهنجي جتي جتي نظر پوي اُتي دويہ آتم سکہ جي مستي ڇائنجي وڃي.

ٻلوان ٻڻجو سنجمي ۽ سداچاري جيون جيئو. ڏياريءَ جي پرم دويہ جوت پنهنجي دل ۾ جڳمڳايو.

همٿ ڪريو، نفرت، دؤيش ۽ نربلتا جي ويچارن کي پنهنجي چت ۾ نہ گُسڻ ڏيو. هميشه سيني جي لاءِ منگلڪاري ڀاونا ڪريو.